نماڻن جا ماڻ

مالڪ مانجهي مرد ملاح - هر ڪنهن لاءِ هو شاهن شاهه
نمي نمي هرڪنهن جو سيس - هرڪنهن تي هنجي آسيس

زماڻن جا ماڻ - هاڻ بہ آهن پاڻ

سنت سرومڻي بابا شيوارام صاحب اُداسين

جنم : ١١ آڪٽوبر ١٩١٦   برهم ليَن: ٢١ اپريل ١٩٨۴

(پونم اَسو ١٩٧٣)   [١٨ (ساتم) چيٽ ٢٠۴١]



بابا جن جي پورن همٿ اَڪريءَ تان آءٌ سدا بلهار

نماڻن جا ماڻ - ڪنهن ڪان ڪين آڇاڻ

سنت سرهور بابا هريرام صاحب اُداسين

جنم: ٢١ ماڱهه ١٩٣٣

برهم ليِن: ٢٩ چيٽ ٢٠٠٤

تنهنجي ٻاجهه جو در ڪليل آ سدائين،
هريرام داتار - هريرام سائين.

- ڪمل پياسي

پوتر يادگيري ۾



سرڳواسي شري موتيرام ٻيڌارام موھناڻي

سرڳواس تاريخ: 23-11-1986

راما ڪنفيڪشنري ورڪس

(راما بسڪيٽ)

سھجپور بوگھا، احمدآباد - 382345

فون : 817381 - 817396

شري مهنت بابا گنـگارام
بابا شيوارام صاحب اُداسين

نماڻن جا ماڻ

— آشيرواد —

برهم ليِن پوڄ بابا شيوارام صاحب

بابا هريرام صاحب اُداسين

۽

مهنت شري پوڄ بابا گنگارام صاحب

بابا شيوارام صاحب اُداسين

هري شيوا ڌام، ڀوپال گنج، روڊ نمبر-٢، ڀيلواڙا-٣١١٠٠١

رچيتا :

ڪمل ڪيولراماڻي "پياسي"

"هري شيوا" پلاٽ ٣٨٢/٤، سيڪٽر ٢٩،

گانڌينگر. (گجرات) ٣٨٢٠٢٩

ڇاپو پهريون — سال : ١٩٩١

ڇپيو :

گرديو پرنٽنگ پريس،

ڪبير نگر، احمدآباد.

ڇپائيندڙ :

هريءَ جا داس

سائينءَ جا سيوڪ

ڀيٽا :

سڪ، شرڌا، سڌ ڀاونا

پنهنجي پاران ......

وسمرت گهڙين جي اوٽ زندگيءَ جي هر طرف کان جهاتي پائڻ ۾ مدد ڪندي آهي. منش وقت جي وٿين ۾ جڪڙيل آهي. هو نه ڪڏهن به زمان کان دور رهي نه سگهندو. وقت بادشاه آهي. جو ڪلهه هو اهو به وقت هو جو اڄ آهي اهو به وقت آهي. سڀاڻو به سندس ئي آهي. البت سڄاڳ انسان وقت جي گهيري ۾ هوندي به مڪت رهيا آهن ۽ منهنجيءَ زندگيءَ ۾ اهڙا ست پرش هئا برهم لين بابا هريرام صاحب ۽ برهم لين بابا شيوارام صاحب.

سندن تصويرون منهنجيءَ دل ۾ براجمان آهن. هو داتار هئا، ڪرتار هئا، ديا جا ڀنڊار هئا. مايا کان دور هوندي به هنن هرڪنهن کي سنيهه ڏنو، سونهون بڻيا ۽ جگياسين جي زندگي سوارڻ لاءِ جتن ڪيا. منهنجو سر سندن قدمن ۾ جهڪي ٿو.

هن ڪتاب ۾ جيڪو ڪجهه آهي اُهي صرف منهنجون ڀاونائون آهن. دل ۾ اُڌماند اٿيا، جن ڪويتا جو روپ اختيار ڪيو، البت دادا هري دلگير جو لنبي نظم تي ڪتاب تي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

۲۹ جنوري ۱۹۹۱ — ڪمل "پياسي"

عنوان چٽر:
گهنشيام "ساگر"

سهڪار:
ديال موهناڻي

پياس پبليڪيشن

ڏريم ييٽ جـڏهن سنـڌي سرسري،
ڪندين پـاڻ منظور تـوري ذري،
سڦل ٿيندي تنهنجي ڏنـل حاصلات،
لکيو تو، اها پڻ ڏنـل تنهنجي ذات،
لکيائين تو، منهنجي لکڻ ڪار آ،
ڏريم ييٽ، جيڪو هيءُ اظهار آ.

- ڪمل "پياسي"

— سمپرڻ —

ڏين ديال- ڪرپال نندان
نماڻن جا ماڻ-
توهان جو ڏنو
ارپيان ٿو توهان کي.
مونکي گهرجي صرف
توهان جي ڏات.

- ڪمل "پياسي"

— بابا هريرام صاحب جيون ڪويتا —

(١)

هري ٻي آهو، رام ٻي آ آهو،
مراري مٺو، شيام ٻي آ آهو،
آهو ستگرو، سام ٻي آ آهو،
ڪليل ٻي آهو، مام ٻي آ آهو،
سچو سنت سوئي سباجهو سڄاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ۔

(٢)

ٻهگو ڳوٺ ۾ ٿيو عجائب لقاءُ،
سدورو سباجهو ڄڻيو ٻار ماءُ،
ٽنورام جي گهر الائي آهاءُ،
ٻڪڙ جي ويو خيرتي هڪ هڳاءُ،
دعائون ڪري ويو وسڻ گهوٽ جاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ۔

---

(١) سام=آجهو، اوٽ پناهه: مام=ڳجهو، پرولي، لڪل
(٢) آها=پرڪاش: هڳاءُ=خوشبوءِ

ٻه اکر....

پيارو ڪمل پوڄ بابا هريرام صاحب ۽ پوڄ بابا شيوارام صاحب جنهن جي جيون بابت جو ڪجهه شايع ڪري رهيو آهي، سو آشا آهي ته پڙهندڙن کي پسند پوندو ۽ سکيادائڪ ٿيندو. اڳ ۾ به پوڄ بابا هريرام صاحب جن جي جيون تي سندر ۽ سکيادائڪ لکي جس جو ڀاڳي ٿيو آهي. ستگرن جي مهر ٿيندس جو سندس قلم هن ڏس ۾ سدائين هلندو رهندو ۽ پاٺڪن کي سنتن جي سکيائن جو آنند وٺائيندو رهندو.

– هاسو ڪيولراماڻي
٢٦-١١-١٩٩٠ع

هري شيوا ڌام،
ڀيلواڙا (راجستان)

اچي جي سوالي ڪٺي ڪو سوال،
ته ڏئي سنت ڪرپال وٽ هو مجال،
ڏکين ۽ ٻکين لاءِ ڏاتر جو ڏاڻ،
هري رام ٻابا، نماڻن جو ماڻ.

(٦)

اچن سنت ساڌو، اچن مير پير،
اچن ملڪ والي، اچن پڻ فقير،
سوين سوکڙيون تن وڏان بي نظير،
مگر سنت ڪرپال وٽ سي حقير،
اچي چا، وڃي چا، رکي ڪير ڄاڻ،
هري رام ٻابا، نماڻن جو ماڻ.

(٧)

هو **جيوت** نماڻي ۾ شيوا جو ٻل،
گرو ۾ اٽل پريم شرڌا اجهل،
گرو جي وچن تي ادب سان عمل،
هٿي هٿ هلن، پر هٿي من لڳل،

---

(٥) پال = قرب، مهرباني؛ مجال = قبول
(٦) بي نظير = لاجواب، قيمتي؛ حقير = خسيس

(٣)

ٽنورام پاڻي ٻه درويش ٽن،
وسڻ شاهه سائين جي جنهنڪي شرن،
سڀئي سنگروءَ جا سدورا وڃن،
ته ٻالڪ جو رهندو سدا مست من،
آئو ٻار جيوت اندر نج نڌاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٤)

پريا شهر ۾ سنت مشهور هو،
پريل سنت ڪرپال ۾ نُور هو،
وٺڻ ٻال جيوت کي منظور هو،
سندس پيار جيوت سان ڀرپور هو،
وڃي جت گرو، شش آئي ساڻ ساڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٥)

پريا ڳوٺ تي ٽيو پلاري جو پال،
اچي جيڪو دربار ۾ سو نهال،

---

(٣) نڌاڻ = نڌان، مڪلاس، خزانو
(٤) ڪرپال = بابا ڪرپارام صاحب

سبق خوب محنت سندو پاڙهجو،
هلو کيمت ڏي، کيمت آ سون - کاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ،

(١١)

اگر کيڙو کيمت، ٿيندي اپت،
کريون تنهن مان دربار جي کل کپت،
کپت سان گڏ وگڏ کنداسين بچت،
ڏنائون اهـا هاڻ ٻريمين کي مت،
کريو کرم، کنهنجي کيو کانہ کاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٢)

عجب ڇا تہ کيتيءَ جو پيغام هو،
هتي خاص جي عام سان عام هو،
مزي جو مزو، نام جو نام هو،
صحت سان پڻ فائدو جام هو،

---

(١٠) پاڙڻ=نظر وجهڻ، تکڻ، ريس کرڻ:
جهاڙڻ= جهاڙ ٻڙهڻ

(١١) کپت= ضرورت، خرچ: کاڻ= غرض

(١٢) جام= جهجهو - رام پاڻ= اڻ گس تير، پکو علاج

هٿي هاڄ هردم، هٿي نياز هاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٨)

هيڏڙ عمر جيوت جي پنجٽيھ(٣٥) ٿي،
نون (٩) جو هو آيو، نميو ٻار ٿي،
سندس هاڻ شيوا قبولي ويئي،
مليس نت ڪرپال واري گدي،
۽ **جيوت** ڦري ٿيو **هريرام** هاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٩)

هريرام بابا گديءَ جو ڌڻي،
جيئن ناڻو وڌ، تيئن نمرتا گهڻي،
هو ميوي پريل ڄڻ، پيو وڻ ٻڻي،
پوءِ پاڻيھي جنھن منجهان ڦل ڇڻي،
سو ميوو هو، جنهن ۾ مزو ۽ مٺاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٠)

ڇپائون، نه پيٽا مٿان پاڙ جو،
نه پرڀيبن جي ڌن مال کي تاڙ جو،
نه ٽوٽا، نه ڦيٽا، نڪو جهاڙ جو،

(١٥)

سنڌن واڪ ۾ ٿي وسيو ايشور،
ڇون جو ٻـڌ، سوئي ٿئي سرسبز،
لکل غيب جي ڪيئن ساري خبر،
ڏسي ٿي سگهيا، ڇا وهي ٿو اندر،
ته پڻ هو ڇون، پاڻ آهيون اڻڄاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٦)

چيائون: ته ڏالون نـ ٻيري پون،
تڪو پنهنجي دربار ۾ سي گهڙن،
ضرور آ، اهي بدنظر کان بچن،
ڪي آدرش دربار جا پڻ هجن،
امڙ! تون پتيءَ کي ٿي گرديو ڄاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٧)

چيائون: چڪي خوب ڇوڙڻ کپي،
ڏهيءَ کي گهرن ۾ ولوڙڻ کپي،
گهرو ڪار سان سنگ جوڙڻ کپي،

---

(١٥) غيب = اڻڏٺل (آئيندو): واڪ = واڻي، وچن
(١٧) چڪي ڇوڙڻ = جنڊ هلائڻ

مسڪين مٽن واسطي رام - ٻاڻ،
هري رام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٣)

ٻڌي ماڻ، بابا تو شيوا ڪري،
ڏئي درس ڏارون دکن کي هري،
اُجهل پيار پائي تو هرڪو نري،
اچي جو بابا ڏي، خوش ٿي وري،
اڌوري رهي آس ڪائي نه هاڻ،
هري رام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٤)

سخيءَ جي سخا جو پيو ڊر ڪلي،
سندن دان جي هاڪ ويئي هلي،
سڳندي هوا ويئي گهر گهر گهلي،
ڪڏهن چور خوني نه آيا پلي،
اهي پي جهڪي ڪن وڏائي وکاڻ،
هري رام بابا، نماڻن جو ماڻ.

---

(١٣) درس ڏارون = ديدار جي دوا: هرڻ = دور
اڌوري = اڻ پوري
(١٤) وکاڻ = واکاڻ، ساراهه.

(٢٠)

چيائون: جني نام جو جاپ آ،
آلسي شڌ هردو، پوري ڀاپ آ،
تہ جي پاپ آ، ڪو نہ سنتاپ آ،
اُنهيءَ جي ديا جو نہ مپ ماپ آ،
اُنهيءَ کان وڌيڪ آ نہ ٻوٽي پراڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢١)

چيائون: اڪل دان سڀ کان سٺو،
آ همدرد انسان سڀ کان سٺو،
نمرتا سان ودوان سڀ کان سٺو،
نمرتا، ديا، ڌرم ٻن من مساڻ،
هريرام ٻابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٢)

چيائون: تہ ڌن کي ڪمائڻ کپي،
سدا سمپٽيءَ کي وڌائڻ کپي؛
سچائي نہ ليڪن گنوائڻ کپي،
ڪمائي ولهن ۾ ورهائڻ کپي،

---

(٢٢) ڌاتر جو ڌاڻ=ڌاتار جي بخشش

ڦڳوڙ ٻن ڪان منهن پنهنجو موڙڻ ڪجي،
انهيءَ ريت زالن جي ٿيندي وڪاڻ،
هري رام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٨)

جتي پيي ها، بابا! نڪت يا ته دور،
سڌي ڪير سڪ سان ته حاظر حضور،
گهري جنهن ٿرن، سو ڇڏيندا ته مُور،
دکين جي دلين جو سڪائيندا سور،
پسائيندا پرتڪش، نوري نشاڻ،
هري رام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٩)

گرو گرنت ٻاڻي عجب **امر تي**،
منجهس لڪشمي آ، منجهس سرسوتي،
چيائون: انهيءَ جي شرن جنهن وتي،
انهيءَ جي سدائين ٿئي ٻرگتي،
انهيءَ کي هتان ۽ هتان جي نڌاڻ،
هري رام بابا، نماڻن جو ماڻ.

---

(١٨) نڪت = نزديڪ، ويجهو: پرتڪش = صاف صاف
نشاڻ = نشان: نڌاڻ = خزانو
(١٩) وتي = ورتي: ٻرگتي = واڌارو

(٢٥)

هليا ويا، تڏهن پڻ هوُ، ايندا رهيا،
سڏيندر کي سڏ سڏ ڏيندا رهيا،
سندن نام جيڪي جپيندا رهيا،
اُچي ڪشت تن جا ڪٽيندا رهيا،
اُچن ترت، گويا اُنن کي وماڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٦)

هينئر سنڌ اندر رهڻ ٿيو ڏکيو،
هاڻ هند ڏي ئي مناسب ٿيو،
هليو هاڻ هندن سندو قافلو،
لڳاتار جاري اِهو سلسلو،
پلا ڪير روڪي سگهي لڏ پلاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٧)

هينئر پيلواڙا ۾ دربار آ،
اتي پڻ ته بابا جو ديدار آ،
سدا پياس تن جي، سدا سار آ،

---

(٢٥) وماڻ = ومان، هوائي جهاز
(٢٧) وناڻ = جڳهه، شهر

ڏيڻ سان ڍوٽو ٿي ڏاڙ جو ڏاڻ،
هيرام بابا، ٺماڻن جو ماڻ.

(۲۳)

ڳڏيءَ تي ڇڳا سال گذريا هيٺئر،
ٻر سال چاليهه ٽي (۴۳) ٿيا گذر،
ڏني هاڻ سرڪار سڀ کي خبر،
تہ ڀارت ورهائي ڪنداسين نڪر،
چياٿون: ورهاڱو نہ ڏسنداسين هاڻ،
هيرام بابا، ٺماڻن جو ماڻ.

(۲۴)

سندن عمر هاڻ اٺهتر (۷۸) هئي،
سڄي سنڌ ۾ هاڪ چوڌر هئي،
اکنڊ نام جي ڌن برابر هئي،
سماڌي ۽ سرٽي ٽرنٽر هئي،
اڏاڏو رکي، وڃا ملي برهم ساڻ،
هيرام بابا، ٺماڻن جو ماڻ.

---

(۲۳) ورهاڱو= ۱۵ آگسٽ ۱۹۴۷ وارو
(۲۴) سرٽي = ڌيان: ٽرنٽر = لڳاتار، سانڌه

(٣٠)

اي بابا! جا دلگير رچنا رچي،
ڪوينا سا آهي برابر ڪچي،
مگر آهه ست ۽ شردا سچي،
ڪري قرب، ڪامل، قبوليو اُچي،
اهوئي ڪچي مونکي ڏاتار ڏاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

ٻريو چايا،   - هري دلگير
آدي‌پور. (ڪڇ)

---

(٣٠) ڪامل = پورن ستگرو

نوٽ: ڏنل نمبر مصراڻن جو نمبر نا جاڻائين، جن لئي آيل ڏکين اکرن جي معنيٰ ڏني ويئي آهي.

اُنــدر ۾ اِهانــي لڳل تــار آ،
سندن حڪم سان ٿي وسيو هيءُ وٿاڻ،
هــريــرام بابا، نماڻن جــو ماڻ.

(۲۸)

اڄا پيـي سي ڪاريه هلن ٿـا اٿم،
اڄا پيءِ اُتــي پيار شــرڌا اٿم،
لکي ڀيلوارڙي جــي مهما اٿم،
شيوارام بـابـا جــي شيوا اٿم،
سچن لاءِ پريل نيهن جا نت نياڻ،
هــريــرام بابا، نماڻن جــو ماڻ.

(۲۹)

اي پابا، اوهانکي تو جيڪو سڏي،
نوازش سان تنهنکي ڇڏيو ٿا اڏي،
اوهان ڏي جو آيو ڀيا در ڇڏي،
انهن کي ڇڏيو پاڻ سان ٿا گڏي،
جهانن ڀمهي جا ٿين ٿـا ڪلياڻ،
هــريــرام بابا، نماڻن جــو ماڻ.

---

(۲۸) نياڻ = ٿلاءُ، پ ڻلي، سرور
(۲۹) ڀ جهان = لوڪ پرلوڪ

ٿي ويندي ته تڪليف ٿيندي. (دادا دلگير کي
ٻيڙا ملي، ڇو ته ڪيس اهڙو وسواس هو ۽ لفافي ۾
موڪليل ڪويتا به باسلامت پهچي ويئي- بابا جن جي
مهر ميا ٿي ويئي)

خبر ناهي ته توکي ڪيڏي لمبي ڪويتا گهرال
هئي، منهنجيءَ ڪويتا ۾ (١٨٠) سٽون آهن. اميد ته
توکي ڪويتا ٺيڪ لڳندي. ٻه ٽي ڏکيون لڳي ويا،
هن ڪوتا لکڻ ۾، **پاڻ بابا اچي سهاءِ ڪيا ۽
پنهنجو ڪم پاڻ ڪيائون.** تون ڪوتا جي پهچ
ڏج ۽ پنهنجو رايو به ضرور لکي موڪلج. ڪوتا
لکڻ ۾ ڪجهه تڪليفون آڏو آيون، جن مان مکيه هي
آهن (١) روبرو درشن نه ٿيو هو (٢) پيدائش به ڪونه
ويو آهيان (٣) گرسهاٺيءَ جو لکيل جيون چرتر ڪونه
پڙهيو اٿم (٤) تنهنجي ڪوتا، جنهنجو ذڪر انگريزي
ڪتاب ۾ آيل آهي، سا به ڏٺن ۾ ڪانه آئي (٥)
انگريزي ڪتاب ۾ بابا جن جي مها سماڌيءَ بابت
هڪ لفظ به لکيل ڪونه آهي ته ڏينهن جو انت ڪيئن
ٿيو (٦) بابا شيوارام بابت به ڪجهه لکيل ڪونه آهي
خير مون شردا سان لکيو آهي ۽ اميد ته ڪوتا قبول
ڪندا. (هري دلگير - ٢٢-١١-١٩٨٢)

شاعر هري دلگير جي پريرڻا

(سندس آيل خطن جا حوالا)

١- بابا هريرام صاحب جي مهانتا اڳيان سر جهڪايان ٿو. ڪويتا لکڻ لاءِ پريرڻا گهرجي. جڏهن انسان ڏيندا ته ڪويتا ڪن ۾ تيار ٿي ويندي. پر اڄ ته اهڙو امنگ ڪونه ٿو ملي ۽ امنگ بنا ڪويتا ڪهڙي (هري دلگير- ٩-٩-١٩٨٢)

٢- پريه پياسي- سدائين پياس وڌندي رهي. تنهنجو خط ۽ ڪتاب "بابا هريرام" ٻئي پهتل آهن. ڪتاب پهر پڙهي، سمتي ڪجهه لکي موڪليندس دلجاءِ ڪج. اڳي ائين هوندو هو ته جيڪي چاهيندو هوس، اُن ۾ من وجهي، ڪنهن به وقت، ڪجهه نه ڪجهه لکي وٺندو هوس، پر هينئر من جي حالت ڪجهه اور آهي. اڄ ڪلهه پنهنجي مرضيءَ سان لکي ڪونه سگهندو آهي. جڏهن لکائيندو آهي، تڏهن ئي لکندو آهيان. مونکي وشواس آهي ته بابا هريرام سائين پاڻ اچي سمت سهاءِ ٿيندا. (هري دلگير - ٢-١٠-١٩٨٢)

٣- گهربل ڪويتا، اَڄ جدا لفافي ۾ موڪلي رهيو آهيان. ان ڪويتا جي صرف ڪاپي مون وٽ آهي، جنهن ۾ پورو مواد ڪونه آهي. جنهڪري هيءَ گ

هر ڪنهن تي هن جي رحمت،
پيار ڏاڍو هن جي عادت.
سامهون جي طوفان وڏو هو،
هو پاري چٽان ٻٽي پيو.
ڪير وڌي سينو سهائي،
جو ٻ وڌيو ئي، ويو هارائي.
جو جو هن جي در تي آيو،
تنهن جو هن تي پاڇو ورايو.
هو هو مهر ميا جو مالڪ،
پاڻ ئي پريو، پاڻ ئي خالق.
جاپ جپڻ جو ڏئي سنديش،
هو هو هڪ پهتل درويش.
ڏاپ ٻري صورت سلطاني،
لاڻ لاکيڻو هو لاثاني.
هو گوبند هو، هو گرڌاري،
هو ئي ڪرشن، ڪان مراري.
مهاوير، وڪرم هو، پيارو،
ڪمت ڪئي، ڏئي سمت سهارو.
شنڪر، شيام ۽ ڪيسري نندن،
هن جي تيج، اڳيان جڳ - وندن.
جيڪو ڪيس ڏيائي ڌر ڌر،
ڪيس ٿو پائي، دل جي اندر.

هري چاليسا

ڀاڳ ڀريءَ ڀومي تي آيو،
ڳوٺ ڀرين جو شان وڌايو.
هري روپ اوتار ڌڻي هو،
ڏهلو چمڪيو سون ڪڻيءَ جو.
ڪشٽ ڪٽي دک درد مٽائي،
ٻاجھ ڪري ٻاجھارو آهي.
رحمت وارو رب آ پيارو،
رهبر آهي، سو رکوارو.
اوچي هن جي آهي هستي،
هن جي دهشت، ذهنيت مستي.
هن جي ٻاڻي اَمرت اَمرت،
هي جي اعليٰ، عظمت شهرت.
هوُ هو روحاني اِنسان،
ڪري سگهي مشڪل آسان.
سندس سنيهه جو ڳوڻ هو ماپو،
هن ۾ ڪاڻ، خودي، يا آپو.
هن جو حڪم، خدا جو نياپو،
جيءَ جڏي جو ڏڻيو جياپو.
دانهن سڻي جو داتا آهي،
بيواهن کي راهه ٻتائي.

چيڪو هن جا گڻ ٿو ڳائي،
هن ۾ پنهنجو ڌيان لڳائي.
پورڻ ٿئي ٿي ان جي آشا،
هن کان ڪوهه پڇي ٿي نرآشا.
سوامي هيءُ آ انترِيامي،
سڀني ۾ ساڪياهه مدامي.
هري رام هر ڪارج سنواري،
جو جو هن جي اچي دواري.
خلق جي خدمت، هن جي رحمت،
پيار ڌڻ جي، هن جي عادت.
اڄ پڻ ياد دلين ۾ آهي،
ڪير سگهي ٿو ڪيس ڀلائي.
هريرام هو هر سک دائي،
ڪشٽ مٽي، جا پيڙا آئي.
ساڌن سنتن جو رکوارو،
ڀڳتن جي لءِ ساهه کان پيارو.
هٿڙي ناٿ اڳيان سر منهنجو،
ڪيئن نه سو پيو هر جهڪندو.

— ڪمل پياسي

جيڪو هن کي ياد ڪري ٿو،
ان تي هو باجهه ڌري ٿو.
هر ڪنهن لاءِ هن راهه ٻڌائي،
ڏک، سک ۾ ٿيو، سنگه سهائي.
هن جي ڌاڪ ٿي هاڪ،
هن جا ٻول ساڀي ماڪ.
سمڪ سمڪ جي، هن کي سرتي،
هن جي جڳتي، مهان جڳتي.
هوُ ته ديالو، ڏيندو ٿي هو،
ڀيد نه ذات پات جو رکندو.
سادو ورتڻ، سادو پهرڻ،
سادو ٻولڻ، اوچو سوچڻ.
سر تي صافو، چادر اوڙهي،
مکه سان رام نام پيو سوري.
هن جي هٺي هر ريت نياري،
مهاٻلي هو، سرج ٻهاري.
هو هڪ اسراري انسان!
هن جي مهما آهه مهان.
پڙهندو جيڪو **هري چاليسا**،
تنهن جا سڀ ڏک دور ٿي ويندا.
سمتي ايندي، سمپتي ايندي،
راج ڀاڳ ۾ اُنتي ٿيندي.

۽ ٻنا ڪئي آسيس.
گروءَ ڪئي رکشا، ڪرپا ڪئي ڪرپارام.
شد انتهڪرڻ جو سنديش مليو، سهارو مليو، ٻل مليو.
جنهن اون رکي، تنهن راهه ڏسي
پيار پناهه ڏني.
جيوت جي جيوت بدلجڻ لڳي
پشپ هڪڙو پرگهٽ ٿيو
ڪومل ۽ نازڪ جذباتي پنکڙين کي
پنهنجيءَ چاهت سان چنبڙائي،
محسوس ڪيائين پنهنجيءَ سڳنڌ کي ڦهلجندو
سڳنڌ کي ڦول اندرئي جذب رهڻ جو آديش ڏنائين
وشال سڳنڌ ان جي اندر سمائجي ويئي
سندس گڻ وايو منڊل ۾ پکڙجڻ لڳا.
ساري فضا موهجي ويئي
جيٽي ڇڏيائين جيون کي پنهنجي پريمواس سان
ديا جو دوار کلي پيو
سندس منڙي وهنوار ۽ چت چور چلت
من موهي ڇڏيا منش جا.
اسڪولي تعليم جي ضرورت محسوس ڪانه ٿي
گروءَ جي ڪرپا سان گرمکي سکي ورتائين
گرو گرنٿ جي واڻي ڪنٺ ٿي ويس.
انهن ٿي ٻڌيءَ جو پرڪاش ٿيو،

ريکا چٽر

– هري جيون درشن –

ايڪونيهين ماگهه، سنبت اُڻونهه سو ٽيٽيهه،
ڏن ٿيو اهو ڏينهن
بالڪ جيوت جو جنم ٿيو.
منڙي ماتا جي گود ڀري
۽ پاونا پورڻ ڀڳت
ڀاڳ ڀالي ٿيو سندس پتا ٽوورام.
چپر کليا ۽ پرڪاش ڦهلجي ويو
سندس سڀاڳي درشن سان.
بند مکن جا کلي پيا دروازا
۽ گگن منڊل جي لهرن ۾ ڦهلجي ويو آواز.
چنڊ جي روپن ڪرڻن
وڇائي پاون ڌرتيءَ جي مٿان
سونهري، جگمگ ڪندڙ چادر
پرڪاش ڦهلجي ويو چوڌاري
سڳنڌ ڦهلجي ويئي منڊل ۾
پشپن جي وچم ڪڙي پيو،
نئون نرالو دوپ پشپ رتن.
گرو ڪرپارام گهري ورتي بالڪ جي ٻانهن
گد گد ٿي گود ڪئي خالي ماتا

مهاداني ۽ منڙو گياني
پنهنجي پريوءَ جي ڇپر ڇانو ۾ رهيو.
گرو رتن هو سندس سوامي ڪرپارام
جن جي چرنن ۾، جن جي نينهن نگاهہ هيٺ
جنهن جي اوجل جل سان وڌندو رهيو
پورڻتا جو پشپ سگنڌي،
بابا ڪرپارام جي باغيچي جي ان گل جي
هر هنڌ ٿي واکاڻ
هيڏانهن هوڏانهن، هيٺ مٿي، اردگرد،
ڌرتيءَ کان آڪاس تائين
جس وڌڻ لڳو
گرديو جي رهبريءَ سندس زندگيءَ ۾ زيب ڀريو هو
راهہ ڏيکاري هئي، ڏني هئائينس استرتا
اُپياس، من ۽ چيتن ۾
هر منش جي شيوا ۾
ڪنور ساڌنا تپشيا ۾.
ڦهلايو بابا پريم جو پرڪاش
سکيا ڏنائين- راهہ ڏسيائين
پراون کي بہ پنهنجو ڪيائين
ڏيکاري ديا جي درشٽي،
شانت ڪيائين پياس جگتياسين جي...
هريءَ جوت جڳائي

انتهڪرڻ شڏ ٿيو.
پٽ راڻي ڪويتا هئي سندس داسي
لفظن ۾ هئي لالڻ جي لياقت
شيوا پنهنجو اصلي روپ اختيار ڪيو، سچو ٿيو ساڪا
گرهستين جي گهٽيل حالت کي ڏسي
دکين جي دکن جا داستان ٻڌي
گهرجائن جي گهرن کي مان ڏيڻ لاء
هو ڏيندو رهيو پنهنجي آسيس
پنهنجيءَ مهر، پنهنجيءَ ديا ۽ ٻاجھ جا پرپل پندار.
جيوت ٿي پيو روپ **هريءَ** جو
جڏهن پنگو ڀڄڻ ڇڏي، **پرين** ۾ اچڻ ڪانئوء
پائي گروءَ جي ڪرپا، هو ٿي پيو **"هريرام"**.
سڪ جو هو صاحب! سنيهہ جو هوُ ڏٽي!
جنتا ۾ جدا رتن هو ۽ نر ۾ هو نارائڻ.
پريوءَ لاءِ سندس من جي اڌام
ڪنڊن جو دوُر ڪرڻ ڪين چاهيندي هئي
پرين جي پوڄيءَ کي، هن سمجهو تڙتي ڏٽيءَ جي،
اهائي ٻڻي سندس تپ پوڄي،
جيڪا اهڙو پشپ حاصل ڪري هري پري ٿي پيئي
پرم تپسوي سنت -
ويراڳي ۽ اوڌوت -
نج اوتار - ڀنڊار ديا جو -

پر ڳنڀير هو اڄ جو جيوت، هاڻ جو هري ڳرو،
سوچي رهيو هو شايد —
سرير ته ناسونت آهي ئي
ديهه کي مٽائڻي آهي پوشاڪ
پر امر آهي آتما.
آتما آهي اها، جا نه مري ٿي نه ڄمي ٿي
تڏهن ڪيس لڳو ته سندس ستگر
سامهون بيٺو آهي، مشڪي رهيو آهي، آٿت پيو ڏئي،
چئي رهيو آهي، شانتيءَ جي لڪل آنچل سان:
"ڪهڙيءَ هرڪر ۾ آهين هري ڀڳت؟
ڇا پيو سوچين؟
مان ته هت ئي آهيان-
تنهنجي نزديڪ ئي آهيان."
هڪ پرڪاش جي ريکا ڦهلجي وئي
موهه جو پڙدو هٽي ويو.
اَنڀو ڪيو **هريرام**
سندس گرديو واستو ۾ آئي آهي
سندس ئي پر ۾ آهي.
وارث جي روپ ۾
سنڀاليو **بابا هريرام**، پنهنجي گرديو بابا ڪرپارام جو،
پرم پريوءَ وارو پد
ديا، ساڌنا ۽ گيان سان

دور انديشيءَ، عقل منديءَ سان
جهونا بندن، رسمون ٽوڙي
جهونا پستڪ پوٿيون لوڙهي
پنهنجو پاڻ ٽي پاڙڻ ڪاڻ،
هو جڳديش ٻڌيو جڳداتا،
جهڙو منڙو منڙو نالو
تهڙا هن جا گياني گڻ.
پرنديءَ ٽي پشپ رڻن هن،
سچ جو ٽي پرچار ڪيائين
راهبر جي راهبريءَ جو ڪيس مليو هو مارڳ درشن
ڌرم جو پرچار ڪيائين
سنسڪرتي ۽ سڀيتا جو ڦهلاءُ ڪيائين
اڌيا تمڪ شڪتي پائي
سچي سادڪ ۽ يوگيءَ جي روپ ۾
برهمچرئه جو پالن ڪيائين.
هر آيلاشا جي احساس سندس سواگت ڪيو
۽ ان ڪان پوءِ
جڏهن مهاسماڌي ورتي بابا ڪرپارام
ماندو ٿي ويو هو مها منڊل... وايو منڊل
شردالو هئا شانت، پر....
شردا ڳوڙها ڳاريا ٿي.
هوا شانت هئي،

لهرائي ٿو هوا جي لهرن کي
سمادين جي سامهون کڙو ڪيل "ٽوج ديوتا"،
۽ سمادين جي پنيان آهي ڊوٽي صاحب،
ڀاڳن واري آهي اها ڀوتي
ڀاڳن واري آهي اها ڀومي
جت سمادين جو ٿيو استاپن.
ڀاڳن وارو آهي ڀيلواڙو
ڀاڳن وارو آهي اهو ديش
ڀاڳن وارا آهن اهي منش
جن جي من مندر ۾، اڄ ٻه هو وسي ٿو.

- ڪمل ڀاسي

اوچ ڪوٺيءَ ۾ ٻيٺو آداسين، ڪرم يوڳي
روحاني رهبر.
ڀڳتن کي آٿت ڏنائين
نرڌنن جو ٿي پيو ڌن پٽي
سنتان ڏنائين انهن کي
جي سڪندا هئا اولاد لاءِ.
هر ڪنهن سان هو هنڪي پيار
ذات پات جو ڀيد نه هو ڪيس،
اَڄ به چاهي ٿو هيءُ سنسار
ان پرم - آتما کي
ان مهنت مهاتما کي
مڃي ٿو هن جي شڪتيءَ کي
سر جهڪي وڃي ٿو آدر سان، شرڌا سان، نياز سان :
جن جي فقط يادگيريءَ سان
هٽي وڃي ٿو من مان گمان
اَڄ به براجمان آهي
سنت اهو سچارو
اڪائي وينو آهي لوڪن کان، پاڻ کي
اهو مهابلي - اهو مهابلي
اَڄ هيءُ هري مندر
ڏئي ٿو سنديش، سندس ڪرپا جو، مهر جو.
نئون جوش - نئون امنگ ڪٿي

هري سمرٽي

گيت

۱-

● سمرٽي

جنهن لاءِ مون هيءَ جيوت ساري،
ويهي ويهي وات نهاري،
تنهنجي ياد سدا سنڪاري.

(۱)

صوفين واري هن جي سرٽي،
سنياسين جيئن سادي ورٽي،
داتا ديئن ديال سوامي،
ساهه ساهه ۾ سندس سمرٽي،
شڪتي شالي شاهه قلندر!
رتي سڌيءَ جو مالڪ دلبر!
ڀاڄهه گهران ٻٽجي سنساري.

(۲)

پاو نيل کي لهرون نرمل،
جنهن تي تاري ڪشتي ڪومل،
پو ساگر مان ڪيندو ڀاهر،
تمندا منهنجي - هنجي توڪل،
سچ جي منزل - هنجي مايا،

— هري سمرني —

[بيت، دوها ۽ ڏنـي]

تارن ۾ تنهنجي مانداڻ،
هير ۾ سمت جي ناچ نچي،
وري وري "هري" نام جپي،
هر رت تو لاء رونق واري.

(٦)

ڪيسين سڪ ۾ ساريان مان،
گهڙيون اڪيليون گهاريان مان،
ايندين منهنجون آنسون اگهندي،
راتيون ڏينهن نهاريان مان،
چت ۾ چورا، من مايوسي،
ياد جون پلڪون اڄ ئي پياسي،
دور ڪندين - دل جي لاچاري.

ٻاقي ڪوڙي ڪوڙي ڪايا،
هڪل سندس هئي حشمت واري.

(٣)

ڦهر تي مهر وسائڻ وارا،
دک کي سک ۾ ٽاهڻ وارا،
تنهنجي ڏاهپ ڪير ٿو جاڻي،
ڪک مان لک بڻائڻ وارا،
تنهنجي ياد ڪلي ڪيڪاري،
درشن ڏيندي هڪڙي ڏهاڙي،
مان مگتو - پر تون ڀنداري.

(٤)

تنهنجي مک تي گهري واڻي،
عجب عجائب تنهنجي ٻاڻي،
اَڄ ٻه ذهن تي تازي آهي،
گيتن جي تنهنجي پت - راڻي،
روح کي راحت سان ريجهايو،
آتم ڏن جو مينگهه وسايو،
تي گرداري - موهن مراري.

(٥)

شهر، نگر، ٻن ۾ واڪاڻ،
ٻن، گل، ٽارين ۾ سرهاڻ،
گگن منڊل ۾ تنهنجا گيت،

ڪٿ ڪٿ ۾ هيءَ وائي،
هرڙرام سک - دائي.

(٥)

شش، شيوڪ ۽ شيواڌاري-در تنهنجي جا ٻٽيا ٻڪاري،
ٻاڌائين ٿا، واڄهائين ٿا، مـڱتا ماٿهو هي سنساري،
تن جي پياس ٻجهائي،
هري رام سک - دائي.

٢-

● ساکـ،

(١)

باغن جي سرهاڻ هري، ڦولن جي لالاڻ هري،
هر موسم تي هنجو ڏيرو، ٻن ٻن ۾ ساواڻ هري،
وڏي سنڌس وڏيائي،
هري نام سکہ-دائي.

(٢)

طوطو هن جي لاءِ ٽدواري-مور مست ٿي پنکہ پساري،
ڪانءُ، ڪبوتر، مئنا، بلبل-هر پنڇي ٿو هنکي ساري،
قابل سنڌس ڪمائي،
هري نام سکہ-دائي.

(٣)

پل پل توکي پسون پڪارن - ڳايون ڳاٿا ٿا ٻاڪارين،
منش سنڌ مها ۾ پورا - يادين جا ڪڙتال وڄائين،
اسنت آتن اِهائي،
هري نام سکہ-دائي.

(٤)

کيت کوهه ۽ جوڙ ٻل جايون - وڻ ٽڻ ٽهڪجون مدايون،
ٽول ۽ وياڪل هير بستي-هيج هٽن مدمست فضائون،

(٥)

ٻاڻن جي سرهي سرهاڻ،
چنڊ جي هو روپي چانڊاڻ،
هر هنڌ هنجي لاءِ گلڪاري،
هري مراري - هري مراري.

(٦)

هر هڪ يگ ۾ شل ٻاڏيان،
ڪنهن تہ سمي آخر ۾ پايان،
گهوريان هن تان جندڙي ساري،
هري مراري - هري مراري.

☼

٣ـ هري مراري

(١)

هري رام جي مورت وانگر،
هري شيام مورت وانگر،
هري هو گوورڌن گرڌاري،
هري مراري - هري مراري.

(٢)

هري پون پت هنومان هو،
هري لڪس سيتا مهان هو،
بندرابن جو برج ٻهاري،
هري مراري - هري مراري.

(٣)

جگ لء هوُ هو جيون داتا،
هن هن لء هو پاڻ وڌاتا،
جنهن جي مهر سدا هئي نياري،
هري مراري - هري مراري.

(٤)

گگن منڊل ۾ تمڪن تارا،
هي سڀ هريءَ جا سڪا سونهارا،
اندلت هن جي سوڀيا واري،
هري مراري - هري مراري.

غــزل

۱-

● وشواس

مورت تنهنجي شل سالڪ هردم -
مونکي ڀيو ڪجهه ڇــا گهر جي؟
هري هنجي شل مونسان همدم -
مونکي ڀيو ڪجهه ڇــا گهر جي؟

۱- هردي منجهه هندورو ناهيم -
خيال جـــي خـــوشبوء لڳايم،
ايندي تيندي مصطر مـوسم -
مونکي ڀيو ڪجهه ڇــا گهر جي؟

۲- ايندين، پاون تيندي ڌرتي -
ايندين مـــون ۾ اهندي سرتي،
ايندين دل تي پهنـدو آدرم -
مونکي ڀيو ڪجهه ڇــا گهر جي؟

۳- ستگرو منهنجو انترياامي -
صاحب منهنجي سر جـــو سوامي،
تيندو منهنجي هردي حاڪم -
مونکي ڀيو ڪجهه ڇــا گهر جي؟

۴- ڪير چوي تو مون وٽ ناهي -
منهنجيء دل ۾ هـــردم آهي،

۴- هري رس پيالا

پيئو پيئو هري رس پيالا،
جيئو جيئو ٻڻي متوالا.

(۱) هنجي هستي سنگ عجب آ،
رام سان ريجهيل رنگ عجب آ،
هر هنڌ هن جا رنگ نرالا،
پيئو پيئو هري رس پيالا.

(۲) هنجي ڌرتي - هنجو ساگر،
سڀ ۾ سهڻو سانديل گوهر،
پيار ڪري هو، آهي آعليٰ،
پيئو پيئو هري رس پيالا.

(۳) اُڀ ۾ هن چنڊڙا تارا،
وشو پشپ هن لء پيارا،
ڀاو ڌريون ٿا ڀولا ڀالا،
پيئو پيئو هري رس پيالا.

(۴) مٺڙي صورت - سهڻي سيرت،
هن کي پيار ڪرڻ جي عادت،
ٿڙفن خيال ٻڻي، ٻي خيالا،
پيئو پيئو هري رس پيالا.

۲-

اُپاسنا

اوريان اوريان سائين منهنجا - مالها سوريا شيام،
تون گرداري، پاڻ مراري - تون منهنجو گهنشيام.

۱- دل جي اوناهيءَ ۾ دلبر! هڪڙي آهه اڪير،
بن جون راهون رلندو آيس - ڳولهڻ هڪ گلفام.

۲- تنهنجي نور نگاهن ۾ ٿل - هجي سدا آسيس،
ناچو بڻجي تنهنجي ڪانڌ - نچان صبوح ۽ شام.

۳- سڪ جي سوڪيم ڦولن سان مون - تولءِ سيج سجائي،
نرم وهاڻو نورت جو - چت جي چادر تي آرام.

۴- واءُ هجي، وسڪارو بيشڪ - گرمي، سردي، سيارو،
در جو داس بڻجي پاڙايان - خادم آءُ مدام.

۵- هريرام اوتار گرو تون - تو بن منهنجو ڪير؟
چائنٺ جو مان چاڪر بڻجي - ور ور ڪيان سلام.

۶- جت جت ستگر پيرا پاتا - خاڪ بڻي ڪستوري،
مهڪن وانون، سدا امر تئي - وايوءَ ۾ وشرام.

۷- ويدن جي ڪيئن واڻي سمجهان - گيتا ڳوڙهو گيان،
مان ته ”هري“ هڪ لفظ اُچاري - تنهنجو ٿيان غلام.

۸- پار برهم پرميشور سائين! پل پل آنءُ پياسي،
ٿل نه ڪڏهن هن مکه مان وسري - سالڪ جو ستنام،

۹- منهنجا گيت، غزل ۽ وايون - تنهنجي لءِ ٿل جرڪن،
لفظن ۾ آ تنهنجي ليلا - ڪيئن ٿين بدنام.

قرب رهي تو اُن سان قائم -
مونکي ٻيو ڪجهه ڇا گهرجي؟

۵- چت ۾ جوڙيم هڪ آکيڙو -
جيئن اچي تون ناهين ڏيرو،
ياد ۾ رهندين داتا دائم -
مونکي ٻيو ڪجهه ڇا گهرجي؟

۶- مونکي آهي تار اندر ۾ -
صورت تنهنجي آهي نظر ۾،
ايندين، ايندي پياري پونم -
مونکي ٻيو ڪجهه ڇا گهرجي؟

۷- پلڪ پلڪ جي پياس اُهائي -
گهڙيءَ گهڙيءَ اداس اهائي،
ياد ڪندين داتا تون دم دم -
مونکي ٻيو ڪجهه ڇا گهرجي؟

۸- سنگرو مونسان ٿئي سهائي -
مان ٻيوس تون منهنجو واهي،
اگر اگهايئه پياسي خادم -
مونکي ٻيو ڪجهه ڇا گهرجي؟

۹- منهنجي من مندر جا داتا -
توسان منهنجا پڪا ناتا،
اوچو تنهنجو آهي مهاتم -
مونکي ٻيو ڪجهه ڇا گهرجي؟

٥- جي تن هيٺو ۽ تن هيٺو،
نه من بيٺو ڏيڻ چاهيان،
تريان تو پيت شبدن جي،
قبولي راهه پر آهي.

٦- سکان کيڏو ۽ ساريان تو،
سٺي سائين مهر وارو،
پتر آهي، پتر رهندو،
نه جيسين کيس تاريندو،
صدق آهي ۽ پڪ آهي،
جو داتا دان ور آهي.

۞

۳- دعا جو اثر

گروءِ جا گيت ناھڻ ۾، دعا جو ڪو اثر آھي،
سڀاجھو سو سخي سائين، جھليو جنھنجو مون در آھي.

۱- نہ منھنجي آھہ ڪا ڌرتي،
۽ نہ منھنجو آسمان آھي،
مگر ھنجي ڇپر ۽ ڇانءِ،
مون لءِ سرڳ گھر آھي.
۲- نہ پنھنجو پاڻ ڪجھ آھيان،
نہ منھنجي آھي ھستي ڪا،
انھيءَ ڪامل جي ڪرپا ٻن،
سڄو مانڊاڻ جڙ آھي،
۳- ڪيو مون ياد آ جنھنڪي،
نہ ڪو ھو ڇو وساريندو،
اسين ھت ناسونت آھيون،
مگر بابل امر آھي.
۴- نہ وسري ٿو، وساريان ڇو،
سدائين ياد ھو آھي.
وساڻي ٻوند رحمت جي،
جي لن آھي، ٻحر آھي

وايون
١-

● آڌوري پياس

١- جام پيئي پل پيار سڀاجهل، ٽيندي آس نه موري،
منهنجي پياس اڌوري.
٢- تون ئي سچ جي مورت آهين، باقي دنيا ڪوڙي،
منهنجي پياس اڌوري.
٣- هرتا ڪرتا - دانا بينا، تون سمجهين مجبوري،
منهنجي پياس اڌوري.
۴- انهنجي نور نگاهن ۾ آ، پريت سمايل پوري،
منهنجي پياس اڌوري.
۵- گيتن جي هيءَ مالها ناهي، پيت ٽريان سموري،
منهنجي پياس اڌوري.
٦- تنهنجيءَ ذات جو طالب آهيان، منهنجي چاهه ضروري،
منهنجي پياس اڌوري،
٧- هري چوڻ سان هاڻ نري تون، هردي رهين حضوري.
منهنجي پياس اڌوري.
٨- تارن ۾ تون تجلو آهين، ڦولن جي ڪستوري،
منهنجي پياس اڌوري.
٩- سورج جي سونن ڪرڻن ۾، تو لاءِ مالها جوڙي،
منهنجي پياس اڌوري.
١٠- درشن پياسي دم دم ساريان، دانهن تنهنجي دوري،
منهنجي پياس اڌوري.

۵-

● آس

راتيون روز نهاريان وڻي،
آس اندر ۾ ڏاريان وڻي.

١- ٽئون صبوح ٽئين آشا آڻي،
ان لاءِ روز نهاريان وڻي.

٢- سورج ڏيندو ٽئون سنديش،
هر پل ڪيس پڪاريان وڻي.

٣- پکي پکيڙا پر ڦهلائي،
ايندا، ڪين وساريان وڻي.

۴- ڪانگل ٻولي ڪان ڪان هن لاءِ،
تنهن سان من وندرايان وڻي.

۵- ڳايون، مينهون راهه نهارين،
تن تي همٿ ڦيرايان وڻي.

٦- ڪٽي ڪبوتر ويندو هن ڏي،
خبر اُها سيکاريان وڻي.

٧- ساجن جي لاءِ سيج پلنگ تي،
عطر عنبر ڇنڪاريان وڻي.

٨- هر هر هري-هري تي ٻوليان،
پنهنجو مکڙ وندرايان وڻي.

٩- دل ۾ سانڍيل سور صدين جا،
ڳايان ۽ گونجاريان وڻي.

١٠- گردش لاءِ پياسي دم دم،
جوڳڻ جيان، گذاريان وڻي.

روپ انوپ

(١)

تنهنجيءَ ياد جو سور،
مرهم سان ملي نہ ٿو،
نينهن ڏنم ناسور.

(٢)

خواب نہ، تنهنجو جيون،
جيوت هڪ حقيقت،
سچ لاءِ جيوت ارپڻ.

(٣)

تارن ۾ تصوير،
اڀ ۾ آ اوجل اها،
طالب لاءِ تعبير.

(٤)

ماضيءَ ۾ هڪ پير،
حال ۾ آئي ڏوکي،
جاڳي پيئي اکير.

(٥)

ڪڏهن پيا احساس،
سوري سوري سمرتيون،
وات ڏسي ارداس.

(٦)

موٽين گهوٽ پرائي،
پريت ڪئي اهڙا پور،
چاهہ ڪئي آس اهائي.

(٧)

رات ڪئي تنهنجي سار،
ڏينهن ڏکيو ٿي گهاري،
وقت جي ويئي جمار،

(٨)

پريت نہ ٿئي پراڻي،
هردم هريءَ جو نانءُ،
وائي اها اڳهائي.

۲-

● جاڳي ڪانيم رات

۱- ڏينهن ته ڏسندي ڏسندي گذريو، مٿان پيئي ٻرپات
جاڳي ڪانيم رات

۲- ڪيڏا ديپ جلايم، ايندين صاحب تون ساڪيات
جاڳي ڪانيم رات

۳- ور ور واٽ نهاريم ٿي، جيئن پيٽ ٿريان جذبات
جاڳي ڪانيم رات

۴- اڻ پيان ارمانن جــي مالها، چاهت جي سوغات
جاڳي ڪانيم رات

۵- آءُ! ته اوريان الجهن پنهنجي، ڳٽڪان ڪن برسات
جاڳي ڪانيم رات

۶- تن ٽٽڙو من جـــي ويڻا، لڙڪ لڙڪ ٻولي لات
جاڳي ڪانيم رات

۷- ٻرهه جو بـــادل ڇم ڇم ڇڻڪي، ٻرسائي ٻرسات
جاڳي ڪانيم رات

۸- گيتن جـــي ٻٽ راڳڻ ڪاٽر، شبد نيا بـــارات
جاڳي ڪانيم رات

۹- سونهري سورج جي ڪرڻن کي ٻڌ ٽنهنجي ٽا
جاڳي ڪانيم را

٥- باغن ۾ ساوڪ،
تنهنجي من ۾ تاڪ،
تنهنجي ياد ستائي.

٦- باغن ۾ بهار،
سندر تا وارا،
تنهنجي ياد ستائي.

٧- باغن ۾ درخت،
ڇانءُ هارين پت،
تنهنجي ياد ستائي.

٨- باغن ۾ هيرون،
آئڙا ۽ سيرون،
تنهنجي ياد ستائي.

٩- باغن ۾ مانداڪ،
ڏينهن ڏني چانداڪ،
تنهنجي ياد ستائي.

١٠- باغن ۾ گل ڦل،
تنهنجا ڪڙيا اصول،
تنهنجي ياد ستائي.

١١- باغن ۾ رابيل،
توسان دل جا ميل،
تنهنجي ياد ستائي.

(٩)

ٻن ٻن جو ٻر لاءِ،
تنهنجو ڏئي سنديش،
تون ئي پرم پتا ۽ ماءُ.

(١٠)

تنهنجو روپ انوپ،
تنهنجو نور نزاڪت،
پياسيءَ لاءِ سوروپ.

هورو

● ياد

١- باغن ۾ سرهاڻ،
تنهنجي آ واکاڻ،
تنهنجي ياد ستائي

٢- باغن سرهو واءُ،
تو لاءِ تڙڦي ساهه،
تنهنجي ياد ستائي

٣- باغن مهڪ بهاري،
تون ئي گرور ڌاري،
تنهنجي ياد ستائي

٤- باغن ٻوٽڙن ٻير،
تنهنجي آڻن اکير،
تنهنجي ياد ستائي

١٩- ٻاغن ۾ هرهنڌ،
مشڪي پيئي سڳنڌ،
تنهنجي ياد سنائي.

٢٠- ٻاغن ۾ سهڪار،
ٻوڙ جهلين ٿا جهاڙ،
تنهنجي ياد سنائي.

٢١- ٻاغن جي عادت،
ڏئي سدا راحت،
تنهنجي ياد سنائي.

٢٢- ٻاغن جو آنيم،
پياسيءَ جي لاءِ پريم،
تنهنجي ياد سنائي.

٢٣- ٻاغن گڏجي ٻيلهه،
سنئين ڪيائون ڇيلهه،
تنهنجي ياد سنائي.

٢٤- ٻاغن ۾ آڪيڙو،
هريءَ ٽايو ڏيرو،
تنهنجي ياد سنائي.

١٢- باغن ۾ بلبل،
تنهنجي ياد اَچل،
تنهنجي ياد ستائي

١٣- باغن ۾ جي مور،
ڪڪيون هڻن سي ڪوڙ،
تنهنجي ياد ستائي

١٤- باغن ۾ طوطو،
تنهنجو ڏئي هوڪو،
تنهنجي ياد ستائي

١٥- باغن ڳاڙها ٻير،
تنهنجا چاهين پير،
تنهنجي ياد ستائي

١٦- باغن ۾ زيتون،
سي ئي افلاطون،
تنهنجي ياد ستائي

١٧- باغن ۾ ڪي انب،
پلڪ پلڪ ۾ رنب،
تنهنجي ياد ستائي

١٨- باغن ۾ برسات،
ٻونڊون ٿين سوغات،
تنهنجي ياد ستائي

بيت

١-

● شان پريو سلطان

(١)

گهوري ڇڏيم گهوٽ تان، پنهنجو سارو ساهه،
پنهنجن تي آلس ڪري، سمهي پيو ويساهه،
صدقي ڪيان پساهه، اهڙي عالي شاهه تان.

(٢)

مدد مدد جي واڪ ڪي، پنهنجي پنهنجي پوڪ،
پرين جي هر پور ۾، ساڃي آ خوشبوڪ،
سانجهي ڇاهه صبوح، پون پور پرين جا.

(٣)

ساڃي همت ۾ پاڻ جي، اڪيو وڌي لکير،
موڪي آ وشواس، پڪ جوڙيندو تقدير،
حق ۾ آهه حقير، هو شان پريو سلطان آ.

(٤)

سڄڻ کي سارين ڏنا، واڪ، هير، طوفان،
ڇوليون ڇيڙن ڇيڄ سان، هن لاءِ منڙي تان،
هن جا لک احسان، ڪير وساري ڪين ڏو.

(٥)

آڳنڌ جي هڪ ڪنڌ ۾، وڻ تي ڪي بادام،

● هيڻن جو همراهه

نگاهن ۾ نعمت دنيا جي نظر ڪر،
تون داتار سائين، سيني تي مهر ڪر.

١- مان عابد، تون اعليٰ، مان خادم، تون مالڪ
دکن ۾ دکيءَ جو، سڻائو سمر ڪر.

٢- سجدو سدائين ڪيائين تنهنجي در تي،
خدا خاڪ چاهيان، اميدون اجر ڪر.

٣- چاهت نه ڪائي، نه چنتا اهائي،
ڪپي جا دعا، سا دعا پر اثر ڪر.

٤- انڌارو انڌارو، مان ڊرپوڪ آهيان،
انهيءَ رات ڪاريءَ کي جلدي صبح ڪر.

٥- سپنن ۾ توکي سدائين ٿو ڳولهيان،
وڃايم ته ڪوهيل سمر ٿيون امر ڪر.

٦- دنيا ۾ اڙا نگاهه، سوين پيچرا پر،
منزل ڪي پايان، تون سولو سفر ڪر.

٧- هيڻن جو همراهه، تيندين هري تون،
مدايون منا، رب ڏٺي! درگذر ڪر.

(٢)

سائين سرجڻهار، منهنجا رب ڌڻي!
مون لاءِ سون برابر آهي، تن جي چرڻ پٽي!
لايان لت لڱن کي، ٽوڙي هڪ جڻي،
هن لاءِ حب گهڻي، منهنجيءَ دل دماغ ۾.

(٣)

سائين سرجڻهار، جيڪو مانجهي من جو ميت،
ساهه ساهه ۾ دائم آهي، سائين سو سرجيت،
مهر ڪري پيو مالڪ حقيقي، جو آ خود جڳجيت،
منهنجو ساهه سنگيت، دم دم ساري شيام کي.

(٤)

سائين سرجڻهار، اڳيان مان سيس جهڪايان چوند،
جنهن کي هردم ٿي رهي، منهنجي ايڏي اون،
اٿم انجو آسرو، ٻيو ڪو ٻيلهي ڪون.
هار هنئين جا سون، گهوريان جو سڀ ٽوڙو.

(٥)

سائين سرجڻهار، آهي هو اوچو انسان،
مالڪ ٿيو مهروان، پر مان ٻالڪ هڪ نادان،
صدق اٿم، وشواس ٿم هو ڀڳتن ۾ ڀڳوان،
پل پل ڌيان، آهي منهنجي من ۾.

ساوڻ مان ڳاڙها ٿين، قدرت ڏني انعام،
سچڙا اهڙا شيام، تون ٿي خالق خلق ۾.

(٦)

اکڙيون نير وهائي، رستا چٽڪارين،
ايندو جنهن جنهن راهه تان، سي راهون صاف ٿين،
پنبڻيون پهرا ڏين، پرين لاءِ اوسر ڪندي.

(٧)

سائين تنهنجي سار ۾، ڪيڏا گذاريا ڏينهن،
آءُ اڪيلائيءَ وچان، ياد ڪيان سي نينهن،
بادل آڻين مينهن، وسن آنءُ وهنجي وتان.

(٨)

اونهاري جي منڌ ۾، در تي لندو ڪانگ،
ڪان-ڪان هن جي تو ٻڌي، امنگ ڏني اچانگ،
پياسي ٻڌجان سانگ، رنگي وسنو عشق ۾.

٢-

● سائين سرجڻها

(١)

سائين سرجڻهار، ڏکي هري روپ اوتار،
هلندو واڳ وٺي هو منهنجي، سائين سمت ڪرتار،
ارپيم جيڪي مون وٽ آهي، شهدن جو پندار،
مانجهي ۽ ملهار، ٻئي هو تار پيدا هن پار.

دوها

ا-

● **شرڏا**

(١)

شل هري همراهه ٿيندين، تون ٻڪين ٻڪ نگهپال،
ڪيئن ڀلا ڪنهن ڏانهن نهاريان، تون ئي داتا ۽ ديال.

(٢)

دل جو دروازو ڇڏيم کولي، اَچي آسڻ ڪرين،
مان سڪان سڪندو رهان، شل اچين جلدي اچين.

(٣)

تون وياپڪ من اندر، ۽ تون ئي هردي جو ڏيئو،
تون سهايڪ، تون سڀاجهل، لال پائج هڪ ليئو.

(٤)

سڀ سوارٿ جا سنگي، هڪ ٻي سوارٿ تون هري،
جيئن وٽيئي سار لهجانءِ، اوت ۾ آهس اڙي.

(٥)

مان نبل آهيان نماڻو، تون سڀاجهل ٻاجهه ڪر،
موهه ماها کان بچائج، منهنجا مالڪ راهبر.

(٦)

ڪوڙ جي ڪٽ ڪوڙڪي ۾، مان جڏهن ڦاسي پوان،
تون بچائج، ڪٽ لاهج، تنهنجي چرنن کي چمان.

(٦)

سائين سرجڻهار، آهي هردي جو سينگار،
تنهنجي در تي هيءُ بندو، ڏتڙيل ۽ بيمار،
ساعت ساعت شل ملي، پيو تنهنجو هڪ آڌار،
مونکي پار اُتار سائين، مهر ڪجان هر مهل تون،

(٧)

سائين سرجڻهار، آهي جنهن تي منهنجو ننگ،
جاڳان توڙي ننڊ ۾، جوڙيل هن سان سنگ،
ازغيبي آنند ملي، پڌي سندس ستسنگ،
چت تي چاڙهيم رنگ، هنجي هر سهڪار جو.

(٨)

سائين سرجڻهار، آهي ڏيندو پنهنجي ذات،
ڏيندي هو ڏکجي نٿو، پڇي نه ذات ۽ پات،
سهج ڏئي ٿو هر سمي، ڏينهن هجي پرڀات،
ازغيبي سوغات، ڳجهي ٿو ڏئي سدائين دان ۾.

(٩)

سائين سرجڻهار، آهي جنهن لاءِ اُنم پياس،
هنجي نام اُچار ڀلا بي سڀ آ بڪواس،
منهن نه موڙي ٿي مونکان، هن لاءِ ڏکندڙ آس،
منهنجا سڀ احساس شل هنجي حاجت ۾ هجن.

وندنا ●

(١)

عرض ڪريان ٿو تنهنجي در تي، صاحب منهنجا سائين!
ان شيوڪ تون سوامي منهنجو، مون سان شل نڀاهين.

(٢)

ون ئي اَنت اَپار ديالو، پار نه تنهنجو پاتم،
ر ڏس ۾ هر راهه ۾ سائين! شيوا رنگ لڳايم.

(٣)

هر ڪڄاڻ تون منهنجا مالڪ، مونکي ڏس ڏ پکارج،
ون سمرٿ، تون سنمک سائين، تجلو تيج لڳائج.

(٤)

ان ڦولن ۾ ڪجهه آهيان، تون شاهن جو شاهه گرو،
ن جڳديش مان جوڳڻ ٿجي، تڪيان پيو ٿو راهه گرو،

(٥)

هنت سائين سرجڻهاري، هتي هتي وسرام ڪري،
ج رکي ٿو، پالڪ آهي، شرڌا کو نشڪام ڪري.

(٧)

تون پنا جو ڇانورو ۽ تون ئي جيجل جو اُجهو،
هنج ۾ تو گهنج ناهين، گهنج ۾ سڀ ڪجهه جهجهو.

(٨)

تون سمت ويساهه ڏي، تون نام چت ۽ ڌيان ڏي،
تنهنجو شيوڪ ٿي رهان، اهڙو ڏاٽي تون دان ڏي.

(٩)

ڀاڳ ڀرين جا ڪليا، ڀڳوان جت ساکيات هو،
جنهن ڏنو، ڏيندو رهيو، هر ڏينهن جو، هر رات جو.

(١٠)

مان نمان، هر هر نمان، نمندو رهان شل نياز مان،
شل، سڄڻ جي سار ۾، همدم رهان همراز مان.

(١١)

مان ته بالڪ جي طرح، هٿ هٿ پيو ٻنگڙا پريان،
تو سواءِ ڪنهنکي چوان، هن درد لاءِ ڪنهن وٽ وڃان.

(١٢)

منهن وارو نام تنهنجو، دل اندر دائم رهي،
پريت جو ڀنڊار ڀڀاسي، ڀياس شل قائم رهي.

ڏني

- هري رام -

هري رام - هري رام - هري رام - هري رام
سهڻو شيام ۽ گهنشيام - هري رام - هري رام

اهو جو پورب جي جوتي،
اهو جو ساگر جو موتي،
اهو جو گنگاجل هو،
نبل لاء آتم بل هو،
جڏن کي جان ڏنائين،
دکين جا دک مٽائين،
کري دلين اندر وسرام.

هري رام - هري رام - هري رام - هري رام
سهڻو شيام ۽ گهنشيام - هري رام - هري رام

منو محبوب دلارو،
نزاکت ۾ هو نيارو،
روح ۽ رب کي پائي،
ويو هڪ وات پڌائي،
جگت ۾ جيئڻ وارا،
سب هن جا ٿي نظارا،
مک تي نام مدام،

هري رام - هري رام - هري رام - هري رام
سهڻو شيام ۽ گهنشيام - هري رام - هري رام

(٦)

هري نام جو جاپ جپيندس، تن، ٻڌي، من شيتل ٿئي
ڀؤ ساگر کي پار ڪرڻ لاء، پاڻ اچي تو ساحل ٿئي

(٧)

متراں ڪاشي، بندرابن ۾، جهاتي پاتم، توکي جاتم
هرهڪ ڪنڊ، تيرٿ منڊ ۾، صورت تنهنجي پاڻ سڃاتم

(٨)

هر هر ٿي مونکي چيڙائي، منهنجي مجبوري لاچاري
مهر ڪجي، ڪرپا جا قادر، ٻاجھ ڪجي، گر گرتار

(٩)

آءُ اداسي، ٻٽي پياسي، موج ۾ مون ڳڻ ڳائي
مورت ۾ آ صورت شاهد، پختا هن سان رهندا ناتا

– شيوا سمرتي –

١–

● هري پريم، هري شيوا

(١)

داسن جو ٿي داس رهيو،
گيان، ڌيان ۽ شيوا،
هن جي برڪت، هن جي دهشت،
هن جي اصليت ڇا؟ ڇا؟

(٢)

باغن جي سرهاڻ ٻڌيو،
۽ هر موسم ۾ مور،
ماڻن ۾ هو ماڻ ٻڌيو،
ٿي هري پيغمبر چت چور.

(٣)

آتم گياني – انتر ياميءَ،
پريم جي گنگا ڌارا،
سدا سکاني – سرو سواميءَ،
هاڪ پريا – هاڪارا.

هري + شيوا = رام

گلابي گل جي سڳنڌ هڪ ۾، ٻيو موتئي گل جي سرهاڻ
هڪ ۾ ڪستوريءَ جي خوشبوءِ، ٻيو ته چنڊ آ موتين ڪا

هڪڙو ٻالڪ ڏٺي داتار، ٻيو آ سڀ جو سرجڻها
هڪ غمن جو هٽيار، ٻيو چنڊ آ ماڻڪ جو ماڻ

هڪ ۾ پريو پسيو پٽي، ٻيو ٻـ، ٻيو ڏـو باجهه ڏني
هڪ، جنهن ٻالڪ سڄاتو هو، ٻيو چوي: ”تون ٻالڪ سڄاڻ

هڪ هو ماڻهو پنهنجو داتا، ٻيو ته دين دِيال پرا
هڪ ۾ حشمت هاڪاري، ٻيو ٻـ جاڳي ڪين اڄا

هڪ جو ساد ورتڻ ٻهرڻ، ٻئي جو سادو جيون ماڻ
هڪ هو رام اوتار هري، ٻيو چنڊ شيوا جو پرما

رحمت هڪ جي هئي ڪرامت، ٻئي جي ٻخشڻ واري عادت
ديا جو داتا ٻهريون سالڪ، ٻئي ۾ ٻهرين جو اهڃا

هڪ جي هجت واري ورتي، ٻئي جي قادر جهڙي ڪرتي
هڪ هو موهن ٻالڪ مراري، ٻيو ٽيو راڌا هنجي ڪا

هڪ هو اُپ جو وهانو تارو، ٻيو ٻي آ پريوءَ جو پيا
ڪيڏي تن کي تسلا ڏٺي تي، باجهه ڪري ٻاجهارو

ٻلڪ ٻلڪ ۾ ٻياس اِهاڻي، گهڙيءَ ارداس اِها
جڳ ۾ هوندا داتا دائم، هيءَ سنڌن عضبي مانڊ

٢ـ

آپار مهما

تنهنجي اَپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

(١)

جو تو به کجهه سڄاتو،
ان ۾ "هريءَ" کي پاتو،
موتي مليا تي مک مان،
تنهنجي اَپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

(٢)

تنهنجا وچن - خزانو،
توڙانهن جهڪيو زمانو،
تون ۾ هٿي نه "مان- مان"،
تنهنجي اَپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

(٣)

تون سادگيءَ جي مورت،
سرهي رکئي تي صورت،
سڪ سار واري سيما،
تنهنجي اَپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

(۴)

مهر ڪيائين - سڀ بخشيائين،
سڀ جو پالڻهار -
پنهنجو جيون جڳ گهوريائين،
جڳ جو ڪري اڌار.

(۵)

هر ڪنهن لاءِ مالڪ پالڪ،
هر ٻالڪ جي ماءُ،
رتي سڌيءَ جو جڳ سنڀالڪ،
سڀ جو لهي سماءُ.

(٦)

منهنجي لاءِ هو شاهه پرين،
پل پل جو وساهه پرين،
اکين اڳيان تصوير اچي ٿي،
لهندو هو - ساڃاهه پرين.

(۷)

اداس منهنجون نظرون پياسي،
اداس منهنجا گيت ٻڌي پيا،
پرين ٻڌيو پرديس جو واسي،
پڻ ڪيل آهيان ڪٿ ڪٿ ڳولهيان.

ڙين جي دربار پيڪي، خوب راجستان ۾،
پيلواڙو ٿيو پلارو - سائين شيوارام جن.

ڪي وچن ڪاشيءَ، ٻريءَ گرنار ۽ راميشور،
گهر گروءَ جو تيرٿ سارو - سائين شيوارام جن.

ڪنت ۾ قادر ڏنو، امرت پريو آواز ڪو،
چڻ تہ ماڪيءَ جو ڦوهارو، سائين شيوارام جن.

ور دکي دلگير جي سڌ ٿي وچي، هيءُ سرومٽي،
پيڙن جو ٿئي سهارو، سائين شيوارام جن.

چا تہ جڳتي، چا تہ پڳتي، چا تہ شڪتي هٿي سندن،
دل گهڻو دلبر دلارو - سائين شيوارام جن.

ندش جي جيون سنوارڻ لاءِ هن شيوا ڪئي،
ڀيان جو ڳوڙهو اشارو - سائين شيوارام جن.

منت ساڌن، مهنت يوگين جيان رهيا ويراڳ ۾،
هو سدائين ڌرج وارو - سائين شيوارام جن.

يش پارت جي اندر، ۽ ديش پارت کان ٻري،
ت ڪئي وهنوار سارو - سائين شيوارام جن.

(۴)

گفتن ۾ گيان ڌارا،
فلسوف وچن پيارا،
هردي اندر هنڊايان،
تنهنجي اَپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

(۵)

تنهنجي سماج شيوا،
هر ڪي ڏئي دعا سا،
تنهنجي ٻٽي مان چاهيان،
تنهنجي اَپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

٣-

سائين شيوارام صاحب

ڀاڳ ڀڳتيءَ جو ڀنڊارو - سائين شيوارام جن،
سادگيءَ ۾ پڙ سونهارو - سائين شيوارام جن.

جنهن چيو، سڌ ۾ سدائين، آءٌ گڏ، آهيان سدا،
سو هئو اوتار پيارو - سائين شيوارام جن.

پاڙ پرپوءَ ڪي سڃاتو، ۽ سڃاڻي خوب ڄاتو،
دل گهريو داتار نيارو - سائين شيوارام جن.

٥-

بابا شيوارام سائين

(١)

من جي مونجهه مٽائڻ وارا،
چست چنچل ڀلائڻ وارا،
غم ۽ ڏکڙا لاهڻ وارا،
سچ جو نام جپائڻ وارا،
ٻڌي پاڻ پيو نشڪام، بابل سائين شيوارام.

(٢)

ويو پراڻ سڀ من ۾ اوتي،
گيتا گيان اندر ۾ گهوٽي،
گرباڻي ۽ ڪي ڪين موڙي،
جاپ جپائي جاچي جوٽي،
هر پل تي هڻجو وسرام، بابل سائين شيوارام.

(٣)

غفي گياني، اونهو داتا،
يوگ وديا جا راز سڃاتا،
ارهم گيان سان وچتر ناتا،
ڳجهو رهيو هيءَ پاڻ وڌاتا،
نام "هري" جو مک تي عام، بابل سائين شيوارام.

۴-

● روشن راهه ڏيکاري و

شيوا جو شڊ پاڻ ٻڌائي، هري ۽ سان من هرکائي و
پريم اگن جي جوت جڳائي، روشن راهه ٻڌائي و

(١)

جو سو چيائون سو سمجهائون، ان تي عمل ڪرڻ لاءِ حاضر
جيڪو عمل ڪيائون، ان تي عمل ڪرڻ سيکاري و

(٢)

ست چت آنند پارڻ سوامي، آهه اگر هو انتر يامي
هو آ ياد سدا هر پل ۾، تن ۾ تار لڳائي و

(٣)

نور نگاهن واريون اکڙيون، ياد اچن سي پياريون اکڙيون
ڪين سي وسرڻ واريون اکڙيون، جن سان گهاءُ لڳائي و

(۴)

مهر جا مينگهه وسائڻ وارا، ٻپ ۽ سنسا لاهڻ وا
ڪنهن سان پيد نه پاڻ رکيائون، ياد جي چڻنگ لڳائي و

(٥)

هري روپ اوتار ۽ٽي هو، آهو همت اسرار ۽ٽي ه
اڄ ٻه سندس آ صورت سامهون، پاڻ ۾ پاڻ ٻسائي و

(٦)

مهاپرش همت مهر ڪري ويو، هري رنگ ۾ پاڻ رنگي و
سار سڄو سمجهائي صاحب! "پياسي" من تڙفائي و

(٧)

تپسيہ رشي هــو، راج رشـــي هو،
برہم رشي سرتـــاج رشـــي هو،
مهنت مهـا مهـاراج رشـــي هو،
تپشيا ٽيج ہر تـــاج رشـــي هو،
منتر و منتر و سندس ڪلام، بابل سائين شيوارام.

(٨)

هرڪو من جـــي در جـو پياسـي،
هن جي چـــائنٽ جـــو أبلاشي،
هت ئي مـتـــرا، هت ئي ڪاشي،
جتي وســـي خـــود برج نواسي،
ٿي پيو آ سرڳ جو ڌام، بابل سائين شيوارام.

٦-

● سائين سرووياپڪ

سدائين نمي پيا پريـــو ســو ســــلام،
آئـــو سروويا پڪ، ســــائين شيـوارام.

(١)

أجـان پـــاڻ هـرهنڌ آ حـاضر حضور،
سڏيو سڪ مدجهان، ڪين آهي سو دور،

(٤)

ٻولا ٻوم ڀڄائڻ آيو،
سڀ جا ڪرم ٻڌائڻ آيو،
وهم اُجايا لاهڻ آيو،
من جي موجھہ مٽائڻ آيو،
نمان صبوح ۽ شام مدام، بابل سائين شيوارام.

(٥)

جادو هر جيون ۾ آندو،
قرب ڪي هن ڪرمن ۾ آندو،
نشچو هن ڌرمن ۾ آندو،
چڻ تہ عطر ڦولن ۾ آندو،
چڻ پاريو ٿي هن انجام، بابل سائين شيوارام.

(٦)

هو رحمت، هو برڪت وارو،
هن جاليءَ جو ڪيو اڌارو،
برهمچريہ جي قول کي پارڻو،
سڄي گروءَ جو سڄو پسارو،
ور ور واريا آءٌ سلام، بابل سائين شيوارام.

ڀلائي چڙ پائين تي هرڪو قصور،
مگر پاڻ نهٺو نماڻو ضرور،
لڪي لياڪا پائي ڏئي پيار جام،
اَتو سرووياپڪ، سائين شيوارام.

(٥)

سماڌين تي جيڪو جهلي ٿو پلاند،
ٿئي آس پوري ۽ پوري مراد،
اُنهيءَ کي آ سائين سدا هردي ياد،
اندر جنهنجي آهي گروءَ جو بنياد،
پياسي شرڻ ۾ صبوح توڙي شام،
اَتو سرووياپڪ، سائين شيوارام.

٧-

● پاڻ جاڻي پاڻ کي

(١)

موهه مايا کي تياڳي پاڻ ۾ ممتاز ٿيو،
آرٿ پرمارٿ جي ڳجهه گيان ۾ پرواز ٿيو،
ٻي زبان جي زبان جو اڪل آواز ٿيو،
راز جي پڙدي کان ٻاهر پاڻ ۾ همراز ٿيو،

هر ڪنهن جي هردي اندر جنهن جو نور،
رکي صدق جاچيو ته، آهي ضرور،
ڪن ۾ ٿو گونجي سدا جنهن جو نام،
اَٿو سروو ياپڪ، سائين شيوارام.

(٢)

ممبئي، باندرا يا هجي حيدرآباد،
پشاور، بنارس، دهلي، احمدآباد،
نيپال چنيءَ سان ڪري ٻاڻ ياد،
گروءَ جي وچن جو چکائي سواد،
دعا ۽ ديا جا ڏنائون انعام،
اَٿو سروو ياپڪ، سائين شيوارام.

(٣)

پڪاري، اُنهيءَ جي ٻڌي ٿو پڪار،
سڻي سڏ اُنهيءَ جو آ جنهنکي تنوار،
مٽيا روڳ، روڳين دکين جا هزار،
ڪيائين ٿي پريمين جو ڪيڏو اُڌار،
ڪري ياد هرڪو ٿو هنکي مدام،
اَٿو سروو ياپڪ، سائين شيوارام،

(٤)

ڪرامت ڪرڻ کان رهيو ڪوهه دور،
مگر غيب نظرن سان ٿيو دور سور،

اُٺڻ لاڻاني گذڻ سان گيان جي پل ٿي ٿهي،
سڀن مڻ سنسار مان هن موهه مايا جو ڪيو،
مان ماڻڻ لاءِ هن ڪرمن قلعي ڪي هو اڏيو.

(٥)

جي وڏو ناڻو "هريءَ" جو ڪين ڏک اهندا اڳيان،
ڪشٽ ويندا سڀ مٽي، پنهنجن پيارن جي مٿان،
هوئي آهي جو لڳائي لڳ پيو هر راهه تان،
پاپ ڪرمن کان بچائي پاڻ ٿي تو دائمان،
هن سنديشي ۾ سندس آسيس جو پرتاپ هو،
ڀاس ڀگتي ڪي ٻڌائڻ جو ڳجهو ڪو جاپ هو.

(٦)

ڏيان سان جيڪو ڏيائي، سوئي تو آباد ٿئي،
سک ملي، سنتوش، مهت سان سدائين شاد ٿئي،
ڏيان ۾ شيوا هجي ۽ گيان ۾ گر ياد ٿئي،
ڪنهن جڳياسيءَ لاءِ جڳت ۾ چاهه جو بنياد ٿئي،
چاهه ڏاري چت اندر جو پاڻ جاڻي پاڻ ڪي،
۽ پاڻ ۾ تو هو ڀسي، ان پياس جي سرهاڻ ڪي.

شاهه سلطاني سچو سائي ٻڌيو همراهه هو،
جو ٻڌيو دل جو دلاور سو ڀڪو ويساهه هو،

(٢)

لوڀ لالچ کان پري انسان هيءَ سلطان ٿيو،
ديهه ڏاري پرم پرميشور اصل ڀڳوان ٿيو،
نور نوراني سدا، نشڪام نگهبان ٿيو،
وقت سان وڪه وڪه ملائي وقت جو اعلان ٿيو،
پنهنجي شخصيت ۾ اصل اهميت پرلو ڏرويش هو،
جن سڃاتو، تن چيو، هو پاڻ ئي ابليس هو.

(٣)

هر سمي هن پرتيوانن تي رکي نوري نظر،
آپدا، الجهن ۽ آفت وقت سائين ياد ڪر،
جنهن مٿان آ آسرو، سوئي ڪندو سڀ تي مهر،
ياد ڪر ان کي، جنهنجو آهه، هت هت ئي اثر.
هوئي هڪ آهي بندن جي درد جي اصلي دوا،
هوئي آهي جو سدا ڏيندو پيو آهي شفا.

(٤)

شدوائي مان سندس تي ڏار اَمرت جي وهي،
لوڪ آيا تي بدڙ لاءِ پيلواڙي ۾ ڪهي،
ديوتا پرلوڪ مان پڻ پاڻ آيا تي لهي،

مان تنهنجي دَر جو داس ٻٽيس،
تون هيٺن لاءِ وڏان هئين.

(٢)

تو پڪڙيو تور نگاهن ۾،
تو جڪڙيو پيار جي ٻانهن ۾،
پڪڙي تنهنجي ڇيڄ آتم،
جيئن پار لنگهائين رامن ۾.

(٣)

مون ديا جي لاءِ ٻاڪاريو ٿي،
تو دعا جي نظر نهاريو ٿي،
۽ ان کان پوءِ اشاري سان،
هر هر پاڻ سنڀاريو ٿي.

(٤)

هُو لٺ وارو، تون همٿ وارو،
هو حشمت، تون همت وارو،
ٻنهي ۾ ڪوئي فرق ڪٿي آ،
هو گيان گرو، تون ڪٿ وارو.

(٥)

تو صدق وڌايو، شاهه هئين،
تون سنت سچو شهنشاهه هئين،

٨-

خود ئي خود خدا نڪتا

خالق کان ۽ مالڪ کان، هر ڇاهڪ کان مٿا نڪتا،
ڪري سنڪار هر سڀ جو، جڳت ۾ جي سچا نڪتا.

١- جنهن سمجهو انهن پاتو، الاهي نور اکڙين ۾،
منش جي لهه ۾ جڙ هو، خود ئي خود خدا نڪتا.

٢- رب جي رمز کي جاڻي، منش جي موهه کي پاتو،
پريت جي ريت سان سوامي، فنا ۾ پڻ بقا نڪتا.

٣- جلويدار جڳت ۾ جي، رهيا ٿي دور جهنجهٽ کان،
جڏن جيون لاءِ جيءُ گهوري، بنا سوارٿ سدا نڪتا.

٤- سامت کان پري، سنتوش ۽ سنڪار ۾ گهاريو،
سڀني جي لاءِ خدا ٿيندي، نمرتا جا بندا نڪتا.

٥- عالم جي وجوديءَ ۾، وجودي پريم جي ماڻي،
محبت ۾ سدا هر پلڪ ۾ جڙ هو نوا نڪتا.

٩-

ياد ڪريون

(١)

تون پاڻ وڏو وڏوان هئين،
تون موهيندڙ انسان هئين،

١٠-

اهڙو نه ٻيو ڪو هو

١- ٻڌيو جو گيان جو ساگر،
اٿاهه اهڙو نه ٻيو ڪو هو.

٢- ۽ ڇولين مان ڇڪي آندو،
ملاح اهڙو نه ٻيو ڪو هو.

٣- ڏسيو ڏس جنهن هو هيٺن کي،
گواهه اهڙو نه ٻيو ڪو هو.

٤- ٻڌيو جو سنت نرموهي،
پناهه اهڙو نه ٻيو ڪو هو.

٥- گناهن تي ڍڪي پڙدو،
الاهه اهڙو نه ٻيو ڪو هو.

٦- اڏيس جو ٻڌيو هو داتا،
شاهه اهڙو نه ٻيو ڪو هو.

٧- پياسيءَ کي پرک ڏيندڙ هو،
ويساهه اهڙو نه ٻيو ڪو هو.

جڏهن منزل تي تون پهچين وئين،
"هري شيوا" جو وساهه هئين.

(٦)

اڄ پل پل توکي ياد ڪريون،
۽ ياد ڪري ٿا آهه ڀريون،
تو لال لڪل ٿي گهاريو، پر،
اڄ تنهنجو ئي ٿا ڌيان ڌريون.

(٧)

سائين تنهنجي سهڻي صورت،
هري پريم جي مهڻي مورت،
دل ۾ ان جو آهي ديرو،
ٿو ته دلين جي آهين دولت.

(٨)

جيون گهاريءَ الستيءَ ۾،
جوڳين واري أن هستي ۾،
جن جي منزل انتهه مستي،
پر تون پوڳي درستيءَ ۾.

١٢-

● ڏکہ لاھج

جي توکي ياد ڪن داتا، انھن ڏکين جا ڏکہ لاھج،
۽ اڙيو پاڻ آ توکي، انھن کي پاڻ ڏہ لائج.

(١)

اسان جي راھہ جا رھبر، اسان کي وات ڏس سولي،
سنياريون شوق سان سائين، اسان ھيٺن کي ھمٿائج

(٢)

نشو ٿي نام جو جيڪي، خماري ۾ رھن ھردم،
رھن جي مست مستيءَ ۾، انھن مستن کي رجھائج،

(٣)

ڪنو قربان سر توتان، سمت سرويچ ٿي سائين،
ننگن جو ننگہ پيڪ مالڪ! الاھہ المست اوڀائج.

(٤)

ٿئي ٿوري اسان توکي، ھلائج پنھنجي ھيٺن کي،
نبل آھيون تہ بل ٿي تون، ۽ ڪمزورن کي ورسائج.

(٥)

دنيا جي ٿي نمائي داغ، دوکي کان پري رکجانءِ،
ڪو ويري ڪونہ آڏو ٿئي تون دشمن سڀئي موٽائج.

(٦)

پلائج پوڳہ دنيا جا، چون تنھنجا رھن چت ۾،
تون پنھنجي پاونا ۾ رکہ، پرم پوَ ۾ نہ پنيلائج.

١١-

● پريم جو پيغا

شوق سان شيوا ڪئي، شيوا ۾ شيوارام ٿيو
هو سدا سرهو رهيو، هر ڪم اندر نشڪام ٿيو

١- هن هريءَ کي خوب ڄاتو، هن اگيان سڀ دور ڪيو
انڪري اَڄ پاڻ پريو روپ ۾ گھنشيام ٿيو
٢- نيڪ ناميءَ جو جھنڊو، هن جو سدا بلند رهيو
لوڪ واسين لاءِ لالڻ، پريم جو پيغام ٿيو
٣- هن چيو: آهي سمائڻ ۾ اڪل سڀ جو ڌڻي
هن اگيان هر هر پڪاريو، جو رحيم ۽ رام ٿيو
٤- جن ڏني آ جاءِ دل ۾، تن جو خاوند ٿي پيو
مشڪلاتن ۾ پڪاريو، تن لاءِ پڻ آرام ٿيو
٥- سڪ، شرڌا ۽ صدق، ڇا نہ ٿو پراپت ٿئي
ٻاجھ ٻاجھارو ڪري، ٻوءِ خاص پي پڻ عام ٿيو
٦- مهر جا مالڪ وسائي، مينھن پل تن جي مٿان
ٻي اَڃهن، دردين، دکين جي دل اندر وسرام ٿيو
٧- جي پياسي ۽ اُداسي سڪ رکي هن ڏي پڳا
تن جڏن، محتاج، مانؤن لاءِ سندر شيام ٿيو

-١٤

● سائين شيوارام جن

ياد آ هردم اندر ۾، سائين شيوارام جن،
گهر سندس من جي مندر ۾، سائين شيوارام جن.

١- هو گيانن ۾ گياني، هو اداسين ۾ ڌياني،
دان ڏيندڙ پاڻ داني، سائين شيوارام جن.
٢- رهت واري رهت رهڻي مشڪ هنجي پاڻ مهڻي،
قرب واري قول ڪهڻي، سائين شيوارام جن.
٣- نظر ۾ جادوگري ۽ دل ديا جي هن ڌري،
تياڳ هن جو سرسري، سائين شيوارام جن.
٤- هو هئو انسان اوچو، پوءِ ٻيو ڀڳوان اوچو،
مهلقا مهروان اوچو، سائين شيوارام جن.
٥- نبض يڳ جي هن سڃاتي، وقت جي هن پارچاتي،
پوءِ اها گيتن ۾ ڳاتي، سائين شيوارام جن.
٦- هو اناٿن جو سوامي، هو ستيه اهنسا جو حامي،
مهر هن جي ٿي مدامي، سائين شيوارام جن.
٧- مان گهڻيون ۽ گهڻ پيڙيان، هٿي هٿي هروار ڳولهيان،
شل "پياسي" ڪيس پايان، سائين شيوارام جن.

١٣-

● لات شيوارام جي

اَڄ فضا ۾ گونجي ٿي لات شيوارام جي
سار وٺي هر هر ڪري ٿي، بات شيوارام جي

١- هو مٺو محبوب هو ؛ خود هري، جو روپ هو
شبد واڻي ٿي پيئي سوغات شيوارام جي

٢- پريم ۾ پنهنجو ڪري هن قرب ۾ قابو ڪيو
اَڄ اَچي ٿي ياد اَهڙي ذات شيوارام جي

٣- برهمچاري هو، مگر هن لوڪ سان ناتا ڳنڍيا
ٿي رهي هردي اندر بس تات شيوارام جي

٤- ڪيترا سادو سڌارڪ ٿيا، مگر هوُ هو الڳ
خلق ۾ خالق ڏٺي، جذبات شيوارام جي

٥- ياد پڳتيءَ جو پرين مان پيلوارڙي ۾ ڪٽي
جو رچيو مانڊاڻ ٿي، خيرات شيوارام جي

٦- جي سکيا تون هن ڏنيون ڪيئن وڃن وسري اهي
وڃن واٽي سان شروع، پرڀات شيوارام جي

٧- مان نمان، هر هر نمان، نمندو رهان هنجي اڳيان
جنهن جي نيڻن ۾ لکل جذبات شيوارام جي

١٦-

ليلا تنهنجي آهه آڏاهه

(١)

پرين سان پيالوڙا آنديءَ،
پنهنجي ڏار کي خوب سجايءِ،
خواب حقيقت ۾ سمجهايءِ،
وقت وقت جي رمز پڌاءِ،
آهين اهڙو شاهنشاهه،
ليلا تنهنجي آهه آڏاهه.

(٢)

ڪوڙ جو پڙدو لاهڻ چاهيءِ،
سچ جو راز پڌائڻ چاهيءِ،
ڪنهن کي ڪين منجهائڻ چاهيءِ،
هر پل جاپ جپائڻ چاهيءِ،
سائين شيوارام ملاح،
ليلا تنهنجي آهه آڏاهه.

(٣)

من جو ميل مٽايءِ بابا!
ڏيان هوريءَ سان لائيءِ بابا!
سوڪيم ساز وڄايءِ بابا!
پريم شور پرچايءِ بابا!
هيڻن جو بابا همراهه،
ليلا تنهنجي آهه آڏاهه.

١٥-

مهر ڪندو پيو مالڪ

"هري هري" هر وار پڪاري، "هري" سندس جذبات ۾ آ،
هري پيو هر راهه ٻڌائي، "هري" سندس هر بات ۾ آ.

(١)

ٻنڪڙ منهنجي وس کان ٻاهر، هو پنهنجي دڳ لڳائيندو،
اونده مان شل ڪيندو ٻاهر، ڇو ته سدا پرڀات ۾ آ.

(٢)

ڪوڙ ڪپت کان پري ڪيائين، سک جو سالڪ ٻڌي پيو،
مهر ڪندو پيو منڙو مالڪ، پيار سندس خيرات ۾ آ.

(٣)

مان ڇا آهيان، ڪرتو ڇا ٿم، هو منهنجي پرگهور لهي ٿو،
مونکي گيان ٻڌائي هردم، رحم سندس هر لات ۾ آ.

(٤)

ڪٿن ڪمن کان پري هٽائي، پاپ کان پلئه ڇڏائي ٿو،
هن جي اهڙي سرس سچائي، آدم پريءَ سوغات ۾ آ.

(٥)

رکي پٿينو من تي مون، سڀ آرپيو پنهنجو هن کي آ،
منهنجا ڪم سڀ پورا ٿيندا، جيڪي ٻه خيالات ۾ آ.

(٦)

شرڌا مون سڀ پنهنجي گهوري، هنجي پيو آسيس گهران،
پياسي آءٌ عدين جو آهيان، اهوئي منهنجيءَ ذات ۾ آ.

☼ اُستُتي ☼

- لنؤ اندر جا لوچ -

جڳ يوگيشور ديــن ديـال،
ڪرپانڌان - جڳ پرتــال.

وارون وار ڪريان نمرڪ،
منهنجي رکندو پاڻ ئي پت.

برهما هريءَ جو اوتار،
شرناگت لاءِ تارڻ هار.

انترجامي برهم الک،
اندر باهر هو سمڪ.

پورڻ ڪر تون ڪري سهاءِ،
هن ومت ڪنهن لاءِ ڪمي نه آهه.

چتر ٻوڄ، من جو مندار-
هر نراڌار جو آڌار.

هو جاڻي ۽ مان اڻ ڄاڻ،
ٻاڻ ٻگمبر ٻاڻ سڃاڻ.

(٤)

برهم گيان جي وات ٻڌائي،
من جي شنڪا سنسا لاهِ،
ڌرم ڪرم ۾ اڳتي آڻي،
پريمين جا پوڙ پورا لاهِ،
توتان پنهنجو گهوريو ساهه،
ليلا تنهنجي آهي اٿاهه.

(٥)

جيڪو منش هو اڳم ماندو،
ان کي دڄ سڀئين ٿي آندو،
ٻچي وڌءِ پرمن جو پاندو،
تنهنجو جادو هو هيڪائيندو،
ڏيندين سائين پاڻ پناهه،
ليلا تنهنجي آهي اٿاهه.

(٦)

"سڏ ۾ سڏ" ملائيندين شل!
هڏ سان هڏ لڳائيندين شل!
پاڻ سان گڏ هلائيندين شل!
هن جو مڏ مٽائيندين شل!
منهنجا بخش ڏٺي گناهه!
ليلا تنهنجي آهي اٿاهه.

تارڻ هار سوامي سائين،
سٺي پيو سڌ ٻاڻ سدائين.

جنم مرڻ جو ٻپ ٿو لاهي،
ٻاجهه پيو ٻاجهارو آهي.

پري پنڌارو ڏئي سنيهه،
اهڙو هو اوتاري هيءَ.

قدم قدم تاري ڪرتار،
سڀ کي ڏئي هڪ جهڙو پيار.

پيڙائن کان ٻاڻ اُتاري،
ٻڌلڙ پاپي، ڪامي، تاري.

هرڪنهن جي هو ڪري ٿو واهر،
رکيا ڪري ٿو، اندر ٻاهر.

سنڪٽ ڪاٽي سهج ڪري،
ڪوبه نه هن کان پلڪ پري.

سپدا هو ساڪياع ڪري ٿو،
هر پيڙا کان مانع ڪري ٿو.

سڳڙا ڏاڍا ڏئي ٿو ڏاتر،
جل پيوٽي دوکين ڪاتر.

هن جو هڏو پرايڪار،
دين ديالو هو داتار.

راڄ ڏٺي ٻريو ساکيات،
جنهن جي تن من ۾ آ ڏات.

رتي سنڌي ۾ ٻريم اپار،
انتي مڪتيءَ جو پڌار.

ڀاڳ دکن جو لاهي ڏنڀ،
ڪري سکن جو هو آرنڀ.

شنڪر جيئن سنڀاريو ٿي،
۽ وشنوءَ وانگر ٽاريو ٿي.

جنم مرڻ جو ڀؤ سنساري،
مهر ڪئي ٿي ڀاڳ پياري.

سنساري مايا کان مڪت،
اندر اوٿهو — ماڻ مهنت.

هن جي ليلا هئي پربل،
سنت سرومڻي هئا پهتل.

ڪيڪار يندو چئي "سنڌام"،
هريءَ جو هر هر ڏني پيغام.

زات ڪئي هرڪنهن تي مهر،
هن کي هئي هرڪنهن لاءِ ٻهر.

هردي ۾ ڌاري سنسار،
پوڄي گر پنهنجي هو نام.

آديءَ وياڌيءَ کان هو دور،
ڪو نہ اپاڌيءَ جو ڪو پُور.

هن کي هو نعمت جي ڄاڻ،
هو نہ پاڻ سدا نرماڻ.

جنهن ني هنجي ڄاڻ کي ڄاتو،
تنهن ني سچ پچ ڪيس سڃاتو.

ڄا جو جيون - ڄا جو مرت،
ڪيس سدا سائينءَ جي سرت.

گرو گياني هو سريشم،
ٻرهم ڪيائين ٻئي رحيم.

دسي يگم روپ انيڪ،
روپ روپ ۾ سندس وويڪ.

ڪين چڙهيس مايا جو رنگ،
هن لاءِ مايا ڄڻ بي رنگ.

تڏهن نہ هن لاءِ لوچين لوڪ،
ٻر ۽ ٻڪر ۾ ڦاڙين ٻوڪ.

هو نہ ديالو پاڻ عجيب،
هر هردي جو ٻٽيو حبيب.

اڄ ڪٿ هر لاء هن جو پريم،
مشڪي ٻولڻ هن جو نيم.
سدا رهيو سڀ جو آڌار،
هر جاني ۽ سان هنجو پيار.
پيڙا ڪان ٿيا ڪين دور،
لاٿائون هر ڪنهن جا سور.

هري ڀڳت لاء سو رگهوناٿ،
ڏک سک ۾ سڀني سان ساٿ.
جيڪو ٿــو هـر وار نمي،
ڪنهن نه ان جو وار لمي.
هو ٿي هڪڙو ساٿ سروپ،
مانس ڏيهه ۾ هنجو روپ.

اڪل هئي هنجي ڪرامت،
سچ پچ پريو هو ساڪياٿ.
مشڪي مشڪي ڏئي آسيس،
هو ٿي ڏين بندو درويش.

رام ڪرشن جان ڪري ڪمال،
ٻڌهنجي ۽ هر ليلا سان نهال.
رحمت وارو پاڻ رحيم،
ڪرامت وارو هئو ڪريم.

ضروري درستيون

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٢	٤	ٿو	ٿم
٢	٥	لڳيائين	لڳائين
٣	١٩	نظم ني	نظم
٥	١٥	اها	اهاءِ
٥	١٢	چاٽ	پاٽ
	٩	ٽ	چوٽ
٨	١	نيار	نياز
٩	٤	ڪيڙو	ڪيڙ بو
٩	١٧	رام ياٽ	رام پاٽ
١٦	١٠	يايا	پاپا
١٩	١٧	لقظ	لفظ
٢٢	٦	سايي	امر جي
٢٥	٣	مڪيو	مليو
٢٧	٢١	جڳنيا سين	جڳيا سين
٣٦	١٣	مدايون	چون مدايون
٣٧	٤	باڏائين	باڏائين
٣٨	٢	مورت	صورت
٣٩	١	باعن	باغن
٤٥	١٧	ٽرفن	ٽرقن

ٽيم ٽيم ۾ ٻوڙا سائين ۽
آڻندي وهندي "هري" چيائين ۽
مالڪ مانجهي مرد ملاح ۽
هر ڪنهن لاءِ هو شاهن شاهه ۔

وارون وار وچان ٻلهار ۽
مونکي بس هنجو آڌار ۔
تت نمي شل منهنجو سيس ۽
مونتي هنجي تني آسيس ۔
اَنيوي هو هيءُ داتار ۽
هر ڪنهن جو هو پالڻهار ۔
پياسيءَ جي آ پياس سديو ۽
جُڳ جُڳ، جُڳ جُڳ، جُڳ گرديو ۔

— ڪمل پياسي

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٤٦	١٨	مڪڙ	من
٤٨	١٧	پڙ	پڙ آ
٥٢	١٠	ٻر	ٿر
٥٢	١١	ٽتر	ٽٿر
٥٤	١١	اڙ نگا	اٽا نگا
٥٥	٤	پوء	ٻوء
٥٦	١٣	دکي	اهوئي
٦٠	١١	منهن	موهه
٦٢	٤	ڪنر	ڪنڀ ۾
٦٣	٤	پورپ	ٻورب
٦٤	١٩	عضيي	غعبي
٦٨	٧	ٻٽي	پٽي
٧٣	٦	من	هن
٧٦	١٥	شدوائي	شدواٽي
٧٧	١١	مهت	ڏارڙ
٧٩	٦	رامن	راهن
٨٨	١٦	هن	من
٩٠	٩	سيساري	ويساري
٩٢	٥	ڪين	ڪيئن
٩٢	١٣	ڪرامت	ڪرامات

* گریش ایجنسي *

85، پریم دروازا باهر، احمدآباد_380016

338921